يوسف شاهين

# انگريز سرڪار ۽ شاهه لطيف آف ڀٽ


## *Abstract:*

*The government of British India officially provided funds to publish the first Risalo of the greatest Sindhi poet Shah Abdul Latif of Bhit. The job was assigned to Ernest Trump – a German philologist and missionary, for printing the First Risalo on modern printing machines, Ernest Trump had to create and manage the Sindhi Alphabet for the first time in history. The same Alphabet, nowadays is used after some modification for printing in all the Sindhi books and newspapers. However, the Risalo was printed in the Leipzig city of Germany during 1866.*

*Again in 1939, a British Judge H.T. Sorley based in Karachi (Sindh) sententenced Jethmal Pursiram – editor of a Sindhi Daily Newspaper "Bharat Vasi" four year rigorous imprisonment for publishing a single verse of Shah Abdul Latif of Bhit. Even arrest warrants were issued against the deceased poet Shah Abdul Latif. In the Sindhi book "Angrez Sarkar aen Shah Abdul Latif of Bhit" the author Yussouf Shaheen has covered the great revolutionary message of Shah Abdul Latif recited for the Sindhi nation then enslaved by the Mughals. He has also recorded the short history of the ruling class serving in the British India.*


**ارڙهين** ۽ اڻويهين صدي عيسويءَ دوران آفيم ۽ چانهه وڪڻندڙ ’ايسٽ انڊيا ڪمپني‘ سموري برصغير هندستان جي حاڪم بڻجي ويئي. ١٨١٣ع ۾ انگلينڊ جي پارليامينٽ ۾ بل پيش ڪيو ويو ته هندستان جي مفتوحه عوام کي ’عيسائي‘ ٺاهيو وڃي. جيئن ته اهو تمام ڏکيو ۽ جوکم وارو ڪم هو، ان ڪري پارليامينٽ آف انگلينڊ جي ڪيترن ئي ميمبرن کي هندستان موڪليو ويو. انهن هندستان جي گورنر جنرل، گورنرن، ڪليڪٽرن ۽ ٻين اهم عهديدارن جا انٽرويو ڪيا. انهن کان پهريون سوال اهو ڪيو ويو ته: ڇا هندستان جي ماڻهن کي زوري عيسائي ڪرڻ سان، ڪي خطرا پيدا ٿي سگهن ٿا؟ ڇا هندستان اسان انگريزن جي هٿن مان نڪري سگهي ٿو؟ ان عرصي دوران لاتعداد عيسائي پادري ۽ ٻيا پيشوا، هندستان پهچي ويا. انگريزن وٽ پورچوگيزن جو





مثال موجود هو، انهن ١٥٦٠ع ۾ هندستان جي ٽن رياستن گوا، ڊيو ۽ ڊمن تي قبضو ڪري هتي جي هندو توڙي مسلمان آباديءَ کي زوري عيسائي ٺاهي ڇڏيو. هتي پورچوگيزن ’مذهبي عدالتون‘ قائم ڪيون. جن ماڻهن عيسائيت قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو، انهن کي عدالت جي حڪم تي باهه جا وڏا مچ ٻاري جيئري ساڙي ماريو ويو. هزارين ماڻهن کي پاڻيءَ ۾ غوطا ڏيئي ٻوڙي ماريو ويو. هي اهي ئي پورچوگيز هئا، جن ١٥٥٦ع دوران عيسيٰ خان ترخان جي ڏينهن ۾ ٺٽي شهر کي باهه ڏئي، اتي وڏي پيماني تي قتلام ۽ ڦرلٽ ڪئي. دراصل، عيسيٰ ترخان بکر تي قبضو ڪرڻ لاءِ پورچوگيزن کان پيسن جي عيوض فوجي مدد طلب ڪئي. نتيجي طور پورچوگيزن جا ١٨ وڏا ٻيڙا ٺٽي لڳ لاهري بندرگاهه تي پهچي ويا. ان وچ ۾ عيسيٰ ترخان ۽ بکر جي سلطان محمود جو پاڻ ۾ ناهه ٿي ويو. ان ڪري عيسيٰ ترخان پورچوگيزن کي واعدي مطابق پيسا ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ هو ڪنهن اڻ ڄاڻ هنڌ تي لڪي ويو. پورچوگيزن ڪاوڙ ۾ ٺٽي کي باهه ڏني ۽ هر گهر کي ڦريو. ان ڦُر دوران پورچوگيزن ٺٽي جا لڳ ڀڳ اٺ هزار مرد، عورتون ۽ ٻار قتل ڪيا.

جڏهن پارليامينٽ آف انگلينڊ جا ميمبر هندستان جي عوام کي ’عيسائي‘ ڪرڻ لاءِ ڊگها بحث ڪري رهيا هئا، تڏهن ڪنهن سوال اٿاريو ته هندستان جي عوام کي وڏي عرصي کان ’جاهل‘ رکيو پيو وڃي. انهن لاءِ تعليم جا دروازا بند آهن. انهن کي پڙهائڻ اسان انگريزن جي حق ۾ آهي. جڏهن کان ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو برصغير هندستان تي قبضو ٿيو آهي، تڏهن کان هتي جو تعليمي نظام تباهه ٿي ويو آهي. اڳي هتي عربي، فارسي ۽ سنسڪرت پڙهائڻ لاءِ ڪيترائي ننڍا وڏا اسڪول، ڪاليج ۽ مدرسه هئا، اهي انگريزن جي اچڻ ڪانپوءِ گهٽي پاڳي هيسجي غيرفعال ٿي ويا آهن. ان سوال تي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو موقف هو ته، اسان هڪ واپاري ڪمپني آهيون، هندستانين کي پڙهائڻ اسان جي دائري ۾ نٿو اچي. جڏهن ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي اهو احساس ڏياريو ويو ته اوهان هاڻ برصغير هندستان جا حاڪم آهيو، اوهان کي هتي جي ماڻهن کي پڙهائڻ گهرجي. جواب ۾ ڪمپنيءَ جي عهديدارن چيو ته جيڪس اسان هندستانين کي پڙهايو ته هو اسان کي ڳچيءَ کان جهليندا ۽ آزادي گهرندا. انهن کي جاهل رکڻ ۾ بهتري آهي. اهو بحث ڪافي وسيع ٿي ويو. ان دوران ڪنهن چيو ته هڪ قوم کي ڄاڻي واڻي جاهل رکڻ ’گناهه‘ برابر آهي. ان بحث ۾ پارليامينٽ آف انگلينڊ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جو هڪ ميمبر ٿامس مڪاولي (Thomas Macaulay) ڏاڍي جذباتي انداز سان ٽپي پيو. هن چيو ته، اوهان ڇا ٿا چاهيو ته اسين انهن ڪارن ڪوجهن هندستانين کي عربي، فارسي ۽ سنسڪرت پڙهائيون، انهن ٻولين ۾ ڇا رکيو آهي، سواءِ تصورات تي ٻڌل ڪوڙا قصا ۽ ڪهاڻيون. انهن مان حاصل ٿيندڙ ڄاڻ مان ڪنهن کي به لاڀ حاصل نٿو ٿئي. علم ان ڪري پڙهائيو ويندو آهي ته جيئن انسان جو ذهن کُلي، ان جي ڄاڻ ۾ وسعت اچي. مگر هندستاني ٻولين جا ڪتاب پڙهي انسان ذهني طور مفلوج ٿي وڃي ٿو. هو قدرت ۽ ڪائنات جي حقيقتن کي سمجهڻ ۽ ان تي تحقيق ڪرڻ بدران ڪوڙ تي ٻڌل قصن ۽ ڪهاڻين ۾ گم ٿي پاڻ کي وڃائي ٿو ڇڏي، هن کان سوچ ۽ سمجه جي قوت ڦُرجي وڃي ٿي. اسان لفاظي ۽ خام خياليءَ تي ٻڌل ڪتاب ڇو پڙهائيون. ڇو انهن تي پنهنجي دولت ضايع ڪريون. مون عربي، فارسي توڙي سنسڪرت جا ڪيئي ڪتاب پڙهيا آهن، انهن سڀني ڪتابن ۾ ڏنل سموري علم ۽ ڄاڻ مٿان يورپ جي لائبريرين ۾ رکيل ڪتابن جو فقط هڪ خانو، هڪ شيلف سڀ تي ڀاري آهي.(۱)

ٿامس مڪاولي وڌيڪ چيو ته:

> هتي جا مذهبي اڪابر چون ٿا ته هندو لا [قانون] کي سمجهڻ لاءِ سنسڪرت ۽ اسلامي شريعت کي سمجهڻ لاءِ عربي پڙهائڻ لازمي آهي، آئون چوان ٿو ته اهي سوال اجايا ۽ منجهائيندڙ آهن. اسان کي فقط 'انگريزي' پڙهائڻ گهرجي، جيڪا اڄ ڏکڻ آفريڪا ۽ آسٽريليا ۾ پڙهائي وڃي ٿي. اها ٻولي دنيا ۾ واپار ڪرڻ، نوڪريون حاصل ڪرڻ يا گهمڻ ڦرڻ لاءِ هڪ 'پاسپورٽ' آهي. اسان کي انگريزي پڙهائڻ سان گڏ هندستان جي ڪارن ڪوجهن کي انگريزي ڪلچر به سيکارڻ گهرجي ۽ اهو ڪلچر ايترو ته زورائتو نافذ ڪرڻ گهرجي، جو هندستاني ڏسڻ ۾ ڀل ته ڪارا هجن مگر ڪلچر جي حساب سان 'انگريز' لڳن. انهن جي اُٿڻي وهڻي، ڳالهائڻ ٻولهائڻ، ملڻ جُلڻ جو انداز، کائڻ پيئڻ ۽ لباس جي لحاظ کان اهي انگريز ٿي وڃن. اسان کي هندستانين کي انگريزي پڙهائڻ گهرجي ۽ اها ٻولي ايتري ته زورائتي انداز سان نافذ ڪرڻ گهرجي، جو مستقبل ۾ انگريزيءَ کي دنيا جي ڪابه طاقت هندستان مان ڪڍي نه سگهي. اسان کي هاڻ



Kalachi Research Journal ڪلاچي تحقيقي جرنل

> عربي، فارسي يا سنسڪرت ۾ ڪوبه ڪتاب شايع ڪرڻ جي اجازت نه ڏيڻ گهرجي. هن وقت ڪلڪتي ۽ دهليءَ ۾ عربي ۽ سنسڪرت جا جيڪي به مدرسه آهن، اهي بند ٿيڻ گهرجن. فقط دهليءَ جو عربي مدرسو ۽ بنارس جو سنسڪرت ڪاليج ڀل ته پيو هلي. ٿامس مڪاولي افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته جيڪي شاگرد دهليءَ جي مدرسي يا بنارس جي ڪاليج مان پڙهي نڪرندا، انهن کي نوڪري ڪير ڏيندو؟(۲)

نيٺ ۱۷ مارچ ۱۸۳۵ع تي برٽش انڊيا جي گورنر جنرل وليم بين ٽنڪ (Lt. General William Bentinck) ٿامس مڪاوليءَ سان اختلاف رکڻ جي باوجود گهٽي ڀاڳي هن جون رٿون قبول ڪيون. انهن ۾ گورنر جنرل ايترو اضافو ڪيو ته انگريزي ٻوليءَ سان گڏ هندستاني ٻارن کي پرائمري درجي تائين پنهنجي مادري ٻولين ۾ پڙهڻ جو حق حاصل هوندو.(۳) هي اهو وقت هو جڏهن سنڌ، پنجاب ۽ نيپال تي انگريزن جو اڃا تائين قبضو نه ٿيو هو. سنڌ تي تمام دير سان ۸۶ سالن جي وقفي کانپوءِ ۱۸۴۳ع ۾ قبضو ڪيو ويو. ان قبضي کان فقط ۱۴ سال پوءِ ۱۸۵۷ع ۾، سموري برصغير هندستان ۾انگريزن خلاف آزاديءَ جون تحريڪون شروع ٿي ويون. دهليءَ ۾ ڪنهن شخص پسٽل جا فائر ڪري نو [۹] انگريز ماري ڇڏيا.

ٻي موقعي تي دهليءَ ۾ ۵۴ انگريز آفيسر ۽ ٻيا عهديدار قتل ڪيا ويا. انهن واقعن سبب پهرين جولاءِ ۱۸۵۷ع کان هر طرف هندستان ۾ آزاديءَ جا نعرا گونجڻ لڳا. آگرو، لکنئو، ڪانپور، گواليار، هريانه، بهار ۽ ٻين علائقن ۾ انگريزن جي فوجي ڇانوڻين کي باهيون ڏنيون ويون. دهليءَ ۾ انگريز ڪمانڊر ان چيف جنرل اينسن ۽ جنرل هينري برنارڊ قتل ڪيا ويا. لکنئو ۾ انگريز ڪمشنر سر هينري لارينس ۳۵۰ فوجين سميت مارجي ويو. زنده بچيل انگريز هاڻ پنهنجي جان بچائڻ لاءِ محفوظ علائقن ڏانهن ڀڄڻ لڳا. نيٺ، اها به گهڙي آئي جو اهو محسوس ٿيڻ لڳو ته هندستان ڄڻ آزاد ٿيڻ تي آهي.(۴) ان وچ ۾ پنجاب جي سکن ۽ سرحد [موجوده پختون خواه] جي پشتو ڳالهائيندڙن انگريزن جو ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪيو.(۵) ان کان علاوه انگريزن نيپال مان گورکا، برما ۽ سيلون کان لاتعداد فوجي گهرايا. ٻي طرف بنگال ريجمينٽ ۽ ٻين هندستاني فوجن مغل شهنشاهه بهادر شاهه ظفر سان ملاقات ڪري کيس آزاديءَ جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تحريڪ جو اڳواڻ ٿيڻ جي آڇ ڪئي، جنهن ڪان هن انڪار ڪيو. نتيجي طور ڇڙوڇڙ آزاديءَ جي تحريڪ تمام تڪڙو ناڪام ٿيڻ لڳي. انگريزن جون فوجون آزاديءَ جي متوالن مٿان چڙهي آيون ۽ ڪين ڦاهيون ڏيڻ شروع ڪيون. دهلي ۽ هندستان جي ٻين ڪيترن ئي شهرن جي چؤپاسي هزارين وڻ آزاديءَ جي متوالن جي لاشن سان سٽجي ويا. لڳ ڀڳ ڏهه لک هندستاني فوجن ۽ عام ماڻهن کي موت جي سزا ڏني ويئي. انهن ۾ پنج لک بنگالي هئا.[٦] هندستان جي مغل شهنشاهه بهادر شاهه ظفر کي گرفتار ڪري هن جي سامهون سندس ٻه پٽ مرزا خضر سلطان، مرزا سليم ۽ هن جي پوٽي مرزا ابوبڪر کي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو. آزاديءَ جي ان عظيم تحريڪ جو باني بنگال ريجمينٽ جو هڪ فوجي منگل پانڊي هو جنهن کي توب جي گولي سان اڏايو ويو.[٧] هن تحريڪ سبب انگريز سموري هندستان جي ماڻهن کي 'عيسائي' ڪرڻ واري رٿا تان هٿ ڪڍي ويا. ان جي باوجود هنن ڪروڙين هندستانين کي ماٺ ميٺ ۾ عيسائي ڪيو.

١٨٥٧ع تائين، ايسٽ انڊيا ڪمپني سموري برصغير هندستان جي حاڪم ۽ مالڪ ٿي چڪي هئي. هندستان ۾ وڏي پيماني تي آزاديءَ جي تحريڪ هلڻ سبب، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کان اقتدار ڦري برطانيه جي ملڪ وڪٽوريا کي 'هندستان جي راڻي' قرار ڏنو ويو. جنوري ١٨٦٧ع تي انڊيا جي وائسراءِ لارڊ لٽن Lord Lytton دهليءَ ۾ دربار ڪوٺائي، جتي ملڪ وڪٽوريا جي راڻي ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ وڏو جشن ملهايو ويو، جنهن ۾ ٨٤،٠٠٠ چوراسي هزار نواب، شهزادا، شهزاديون ۽ انگريزن ڪان سَر، خانصاحب، خانبهادر جا لقب حاصل ڪندڙ شريڪ ٿيا.

انگريزن ١٨٥٧ع واري تحريڪ کي ڏاڍي جبر سان چيڀاٽي ڇڏيو. مگر سنڌ ۾ تمام تڪڙو 'وطن يا ڪفن' جا نعرا گونجڻ لڳا سنڌ جي آزاديءَ لاءِ اهي نعرا 'حر تحريڪ' ۾ تبديل ٿي ويا، جنهنجو سرواڻ پير پاڳارو صبغت الله شاهه راشدي هو. نيٺ انگريزن سنڌ جي آزادي روڪڻ لاءِ ١٩٤٣ع دوران سنڌ ۾ مارشل لا هڻي. سنڌ جا هزارين دودا، جوڌا، جُنگ جوان گرفتار ٿيا. لاتعداد جوان گولين جو کاڄ ٿي ويا. سوين گرفتار ڪري انهن کي ڦاهيون ڏنيون ويون. ڪيترن ئي نوجوانن کي توب جي گولن سان چيهون چيهون ڪيو ويو. جڏهن مٽيادار مرد مارجي ويا، قيد ڪيا ويا يا گم ٿي ويا، تڏهن سنڌ جون نياڻيون، مائرون، ڀينرون، ڏيئرون ميدان تي لٿيون. انهن اهڙي ته ناقابل يقين ويڙهه ڪاڏي جنهن جو مثال دنيا جي تاريخ ۾ ورلي ملي ٿو. انگريز ۽ انهن





جا چاڙتا ڏندين آڱريون ڏيئي اهو سوچيندا رهيا ته جن نياڻين ڪڏهن در ڪان ٻاهر پير نه پاتو، انهن دشمن کي ڪيئن مات ڪيو، ڪيئن ڏڙن مٿان ڏڙ ڪيرايا، ڪيئن تيغن، ترارن ۽ بندوقن سان دشمنن جا هانءَ ڏوڙي وڌا. ان وقت سنڌ ۾ مارشل جو زور هو.

اهڙي ڏهڪاءَ ظلم، جبر ۽ افراتفريءَ جي دؤر ۾ سنڌ ۾ عيسائي مشنريءَ جي هڪ عالم ارنيسٽ ٽرمپ اهو اعلان ڪيو ته هن سنڌ مان علم، ادب، ڏاهپ ۽ شاعريءَ جو هڪ بي بها ۽ انمول خزانو ڳولي لڌو آهي. هن اُن کي 'شاهه عبداللطيف آف ڀٽ' جي شاعريءَ جو نالو ڏنو. اهڙي اعلان انگريز بهادر ڪامورن ڪان ڇرڪ ڪڍائي ڇڏيا. هو پاڻ ۾ هڪ ٻي ڪان اهو پڇڻ لڳا ته اهڙو ڪهڙو شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ کي ارنيسٽ ٽرمپ انمول خزانو سڏيو آهي. ٽرمپ سنڌ جي گورنر سر بارٽيل فريئر کي بمبئي خط موڪلي، شاهه جي شاعريءَ جي اهميت بابت ڄاڻ ڏني. ۽ هن لکيو ته هو شاهه جو رسالو باقاعده ترتيب ڏيئي رهيو آهي. اهو شاهه جو پهريون ڇپيل رسالو ٿيندو. ٽرمپ لکيو ته ان وڏي علمي ڪم لاءِ سڀ کان اول سنڌي صورتخطي تيار ڪرڻي پوندي. سنڌي صورتخطي يا الف ب لاءِ جديد ٽائيپ جوڙائڻي آهي، ان سموري ڪم لاءِ وڏي رقم جي گهرج ٿيندي، جواب ۾ سنڌ جي گورنر سرڪاري خزاني مان رقم ڏيڻ جو واعدو ڪيو.[٨] اها حيرت ۾ وجهندڙ صورتحال هئي، جيڪي ماڻهو سنڌ بلڪ، سموري برصغير هندستان کي غلام ناهيو وينا هئا، اهي شاهه لطيف جا ان حد تائين ڪيئن عقيدتمند ٿي ويا، هنن شاهه جي شاعريءَ ۾ ڪهڙو خزانو ڏٺو، جيڪو اسان سنڌين کي اڄ به نظر نٿو اچي. ٽرمپ، رسالي جو مواد ڪڻي جرمنيءَ ويو، جتي هن سنڌي صورتخطي [الف-ب] لاءِ جديد ٽائيپ تيار ڪرائي. جنهن سان ١٠ مارچ ١٨٦٦ع تي شاهه جو پهريون رسالو شايع ڪرايو.

شاهه لطيف جو پهريون رسالو ڇپرائڻ ٽرمپ جي زندگيءَ جو وڏو ڪارنامو هو. ان عمل سان ٽرمپ جڻ ته ٿامس مڪاوليءَ کي اهو چئي رهيو هو ته يورپ جي سيني لائبريرين ۾ رکيل سمورن ڪتابن ۽ سموري علم مٿان شاهه لطيف جو فقط هڪ رسالو تمام مٿاهون، تمام ڳرو آهي. ٿامس مڪاوليءَ چيو هو ته يورپ جي هڪ لائبريريءَ جي فقط هڪ شيلف [الماري] ۾ رکيل ڪتاب عربيءَ، فارسي ۽ سنسڪرت جي سموري علم مٿان حاوي آهن.

هند ۽ سنڌ ۾ انگريز حاڪمن جا وڏا نَنَ هئا. رهائش لاءِ وسيع ڪشادا ۽



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاندار بنگلا، هندستاني ڪارا ملازم، انهن جي زوردار سلامن جا ٺڪاءَ، سخت گرميءَ ۾ ساهه ٻوساٽيندڙ ڪپڙا، سُوٽَ، بوٽَ، ڪوٽَ، جوراب، انڊرويئر، مٿي تي وڏا ٽوپلا، هنن جي رعب دٻدٻي، طاقت ۽ حشمت جو اهڙو ته ڌڪاءُ هو، جو چيو ٿي ويو ته هنن جي دؤر حڪومت ۾ شينهن ۽ ٻڪري گڏ هڪ تلاءَ تي پاڻي پيئندا هئا.

حيرانگيءَ جي ڳالهه اها آهي ته انگريز جيڪي برصغير هندستان جا مالڪ ٿيا، اسان کي غلام بڻايو، جيڪي پاڻ کان مٿي ڪنهن کي به علم ۽ عقل جو اڪابر نه سمجهندا هئا، اهي شاهه لطيف جي فڪر، ذات ۽ ڏاهه اڳيان چو جهڪي بيٺا. ڇا انگليند يا يورپ ۾ ايڏو وڏو شاعر پيدا نه ٿيو جيڪو رواداري، انسانيت ۽ اخلاق جي دائرن ۾ رهڻ جو سبق ڏي. جيڪو آسمان کان علاوه پنهنجي ڌرتيءَ جي ماڻهن جي ڏک ۽ سور جي به ڳالهه ڪري.

جڏهن انگريز هتي آيا تڏهن هنن جي ملڪ انگليند ۾ نفسانفسيءَ جو عالم هو ۽ عيسائيت ۾ 'فرقي بازي' سبب هزارين انگريزن کي جيئري ساڙي ماريو ٿي ويو. انهن جون ٽنگون ٻانهون پڇي ڪين 'سچو عيسائي' ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي ويئي. انگليند جي هر گهر ۾ ماتم هو. هر ماڻهوءَ جو موت پيڇو ڪري رهيو هو. سچو عيسائي نه هُئڻ سبب هزارين انگريزن کي موت جي هڪ خوفناڪ سزا ڏني ٿي ويئي. ان سزا ۾ سڀ کان اول ڏوهاريءَ کي زمين تي گهليو ٿي ويو، پوءِ ان کي هلڪي ڦاهي ڏيئي اڌ مئو ڪري سندس مردانه عضوا وڍيا ويندا هئا. پوءِ سندس جسم کي جيئري ٽُڪر ٽُڪر ڪيو ويندو هو. ان سزا کي هڪڙو ٽي نالو ڏنو ويو: Hanging, Drawing and Quartering. اهڙي سزا انگليند جي عظيم شاعرن، اديبن، سياسي شخصيتن ۽ مذهبي عالمن کي ڏني ويئي. اها سزا لڳاتار چار سؤ سال سورهين صديءَ کان ويهين صدي عيسويءَ ۱۹۹۸ع تائين جاري رهي.

پهرين ڊسمبر ۱۵۸۱ع تي عيسائيت جي عظيم عالم ايڊمنڊ ڪيمپئن Edmund Campion کي جيئري ٽُڪر ٽُڪر ڪيو ويو. پهرين هن کي زمين تي گهلي، هلڪي ڦاهي ڏئي، اڌ مئو ڪيو ويو، ان کانپوءِ هن جا جيئري مردانه عضوا وڍيا ويا. هن جو پيٽ چيري، ان مان آنڊي جو ٽڪر وڍي ان کي، ايڊمنڊ جي اڳيان باهه ڏنائون. جڏهن ايڊمنڊ بيهوش ٿيو ٿي ته هن کي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي هوش ۾ آندو ٿي ويو ته جيئن هو ڏسي ته هو مري رهيو آهي. ان کانپوءِ جيئري هن جون ٽنگون، ٻانهون وڍيون ويون. آخر ۾ هن





جو ڪنڌ لاٿو ويو.(۹)

۲۳ فيبروري ۱۵۳۰ع تي عيسائيت جي مذهبي اڳواڻ ٿامس هٽن Thomas Hitton کي 'ڪافر' قرار ڏئي، هن کي ڪانين جي لاٽَ مٿان ٻڌي، باهه ڏئي ساڙيو ويو.(۱۰)

۶ آڪٽوبر ۱۵۳۶ع تي عظيم عالم وليم ٽائنڊيل William Tyndale کي زمين تي گهلي، لٺون، مڪون ۽ ڏنڊا هڻي ماريو ويو. مرڻ کانپوءِ وليم جي لاش کي باهيون ڏئي ساڙيو ويو. وليم اهو شخص هو جنهن سڀ کان اول بائيبل جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو. جڏهن ته هن کان اڳ لئٽن ٻوليءَ ۾ لکيل بائيبل پڙهڻ لاءِ ڏنو ويندو هو. لئٽن روم جي ٻولي هئي، جنهن کي هتي تمام ٿورا ماڻهو پڙهي ۽ سمجهي سگهندا هئا. وليم کي مارڻ کانپوءِ اهو آرڊر جاري ڪيو ويو ته جنهن به شخص وٽ وليم جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيل بائيبل ملندو، ان کي موت جي سزا ڏني ويندي.(۱۱)

۲۳ جون ۱۵۳۳ع تي انگليند جي هڪ وڏي اديب، مدبر ۽ مذهبي اڳواڻ جان فرٿ John Firth کي 'ڪافر' قرار ڏئي هن کي لنڊن ۾ ڦاهي ڏني ويئي. پوءِ لڳ ڀڳ ڏهه ڏينهن کانپوءِ ۴ جولاءِ ۱۵۳۳ع تي هن جو لاش ڪڍي ان کي باهه ڏئي ساڙيو ويو.(۱۲)

۲۹ آڪٽوبر ۱۶۱۸ع تي عظيم شاعر ۽ عالم سَر والٽر رليف Sir Walter Raleigh جو ڪُهاڙي سان ڪنڌ لاٿو ويو. ڪنڌ لاهڻ کان اڳ ڪيس ڪهاڙو ڏيکاريندي اهو چيو ويو ته هن ڪهاڙي جي هڪ ئي ڌَڪَ سان اوهان اُتي هليا ويندا، جتان آيا هئا.(۱۳)

۲۱ فيبروري ۱۵۹۵ع تي عظيم شاعر ۽ مذهبي اسڪالر رابرٽ سائوٿويل Robert Southwell جو ماڻهن جي وڏي ميڙ اڳيان ڪنڌ لاٿو ويو. پوءِ ڌڙ کان ڌار ٿيل ڪنڌ ماڻهن جي ميڙ کي ڏيکاريو ويو. ان وقت ڪنهن به شخص اهڙو نعرو نه هنيو ته رابرٽ 'غدار' هو، جڏهن ته رابرٽ کي غداريءَ جي الزام هيٺ موت جي سزا ڏني ويئي هئي. مرڻ کان ٿورو اڳ رابرٽ چيو ته حضرت عيسيٰ ۽ آئون هم عمر آهيون. رابرٽ ۱۵۶۱ع ۾ ڄائو ۽ ۱۵۹۵ع ۾ هن جو ڪنڌ لاٿو ويو، ان وقت رابرٽ جي عمر ۳۴ سال هئي، جيڪا لڳ ڀڳ حضرت عيسيٰ جي عمر برابر ٿئي ٿي.(۱۴)

۲۰ سيپٽمبر ۱۵۸۶ع تي انگليند جي عظيم شاعر چڊئاڪ ٽڪبورن Chidiock Tichborne تي غداري جو الزام هڻي سندس ڪنڌ لاٿو ويو. ڪنڌ لاهڻ کان اڳ چڊئاڪ ٽاور آف لنڊن ۾ قيد رهيو، جتي به هو شاعري ڪندو رهيو.(۱۵)

۲۰ جون ۱۶۸۴ع تي برطانوي پارليامينٽ جي ميمبر سَر ٿامس آرمر اسٽرانگ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(Sir Thomas Armstrong) مٿان غداريءَ جو الزام هڻي هن کي موت جون ٽي سزائون ڏنيون ويون. هن کي گهوڙي جي پُڇ سان ٻڌي گهليو ويو، پوءِ هلڪي ڦاهي ڏئي سندس مردانه عضوا وڍيا ويا، پوءِ ڪيس جيئري ٽُڪر ٽُڪر ڪيو ويو. هن جي جسم جا ٽڪرا مختلف شهرن ڏانهن موڪليا ويا.(١٦)

انگلينڊ کان علاوه باقي يورپ جو ڇا حال هو، شاعرن، عالمن، اديبن ۽ مذهبي اڳواڻن کي ڪيئن ماريو ٿي ويو، انهن جو مختصر تفصيل هن ريت آهي:

”فرانس ۾ جون آف آرڪ Joan of Arc کي ٣٠ مئي ١٤٣١ع تي ڪاٺين جي وڏي ٽال مٿان ٻڌي جيئري باهه ڏيئي ساڙي ماريو ويو. ان وقت جون جي عمر ١٩ سال هئي. هن فرانس کي انگريزن جي غلاميءَ مان آزاد ڪرايو.“(١٧)

٢٣ مئي ١٤٩٨ع تي جرمنيءَ جي عالم ۽ مذهبي اڳواڻ گِرولانو سوانا رولا Girolano Savana Rola کي فلارينس شهر جي چوڪ تي ماڻهن جي وڏي ميڙ اڳيان ڦاهي ڏني وئي. پوءِ ان جي لاش کي باهه ڏئي ساڙيو ويو.(١٨)

٢٩ فيبروري ١٥٢٨ع تي اسڪاٽلينڊ جي هڪ وڏي عالم پيٽرڪ هئملٽن Patrick Hamilton کي جيئري باهه ڏئي ساڙيو ويو. هن جو جسم ٻنپهرن کان شام ڇهين وڳي تائين سڙندو رهيو.(١٩)

٢٧ آڪٽوبر ١٥٥٣ع تي اسپين جي عالم ۽ انسان دوست اديب مائيڪل سرويٽس Michael Servetus کي ’ڪافر‘ قرار ڏئي جيئري ساڙيو ويو. ساڙڻ کان اڳ هن کي سندس ئي لکيل ڪتابن مٿان ويهاريو ويو، جيڪي هن سان گڏ سڙي ويا. ان وقت جي عالمن ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته مائيڪل کي جيئري ساڙڻ بدران هن جو ڪنڌ لاٿو وڃي، مگر واسطيدار حاڪمن اها گذارش مڃڻ کان انڪار ڪيو.(٢٠)

١٧ فيبروري ١٦٠٠ع تي اٽليءَ جي عظيم شاعر، اديب، ماهر حساب، ماهر فلڪيات ۽ سائنسدان گئاردانو برنو Giordano Burno کي ’ڪافر‘ چئي جيئري باهه ڏئي ساڙيو ويو. ساڙڻ کان اڳ هن کي





ابتو لٽڪائي، هن جي زبان ڇڪي وئي، هن جي جسم جي رَکَ ٽائبر دريا ۾ اُڇلائي وئي.(٢١)

١٨ آڪٽوبر ١٦٣٤ع تي، فرانس جي عظيم مذهبي اسڪالر اُربين گرينڊيئر Urbain Grandier تي ڪيترائي الزام هڻي هن کي جيئري باهه ۾ ساڙيو ويو. باهه ڏيڻ کان اڳ اُربين جون تتل لوهي گرم سيخن سان ٽنگون ٻانهون ڀڳيون ويون.(٢٢)

١٤ اپريل ١٦٨٢ع تي روس جي عظيم مذهبي اسڪالر آواڪُم Avvakum کي عمر قيد جي سزا ڏني وئي، هن کي لڳاتار ١٤ سال هڪ تنگ ڪُڏڙيءَ ۾ رکيو ويو. اها سزا پوري ٿيڻ کانپوءِ آواڪُم کي جيئري باهه ڏئي ساڙيو ويو.

شاهه لطيف جي حوالي سان ١٩١٩ع ۾ هڪ ٻيو وڏو واقعو پيش آيو. هڪ انگريز جج ايچ ٽي سورلي ڪراچيءَ مان نڪرندڙ هڪ سنڌي اخبار ’ڀارت واسي‘ جي ايڊيٽر ڄيٺمل پرسرام کي شاهه لطيف جو هڪ بيت شايع ڪرڻ تي چار سال سخت پورهئي سان ٽيپ ڏني. اهو بيت ١٦ مئي ١٩١٩ع تي ’ڀارت واسي‘ اخبار ۾ شايع ٿيو جيڪو هيٺ ڏجي ٿو:

اڳيان اڏين وٽ پوئين سر سنيائيا،
ڪاتِ تہ پوين قبول ۾ مَچڻُ پائين گهٽ،
ڪَلاڙڪي هَٽ، ڪُسڻ جو ڪُوپ وهي.

شاهه لطيف جو اهو بيت ’سُر ڪلياڻ‘ ۾ ڏنل آهي، جنهن کي عبادت جو سُر سمجهيو وڃي ٿو. عدالت ۾ ان بيت جي معنيٰ ڪجهه هن ريت ٻڌائي وئي:

اڏيءَ تي سر ڏيڻ لاءِ ماڻهن جون قطارون آهن، جيڪي هڪ ٻي پٺيان سر گهوري رهيا آهن. اهي جان نثار وڏي واڪي نعرا هڻي عام ماڻهن کي سڏيندي اهو چئي رهيا آهن ته سِرُ ڏئي سَرها ٿِيو. ان کان مٿي ڪا قرباني ناهي. ان قربانيءَ کي ڪڏهن گهٽ نه سمجهو.

عدالت ۾ اهو بحث هليو ته مٿي ڏنل بيت بغاوت جي ’ڪوٺ‘ ڏي ٿو، جيڪو ڪنهن خطرناڪ هٿيار کان گهٽ ناهي. اهو بيت عام ٿيڻ سان سنڌ جا ماڻهو ميدان تي لهي پوندا. اهي انگريزن کان آزاديءَ جو مطالبو ڪندا.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌ ۾ اڳيئي ’وطن يا ڪفن‘ جا نعرا لڳي رهيا هئا. اهڙو بيان ٻڌڻ ڪانپوءِ جج ايچ ٽي سورلي جون وايون بتال ٿي ويون. هن شاهه لطيف ڪي گرفتار ڪرڻ لاءِ وارنٽ جاري ڪيا. جڏهن چيتمل پرسرام ڪي هٿڪڙيون هڻي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو، تڏهن هُن جج صاحب کي ٻڌايو ته شايع ٿيل بيت جو شاعر شاهه عبداللطيف ڏيڍ سؤ سال اڳ ديهانت ڪري ويو آهي.

چيتمل پرسرام کي ڇڏائڻ لاءِ بمبئيءَ کان وڏو بيريسٽر بيپيسا ڪراچيءَ پهتو. هن چيتمل جي سزا ختم ڪرڻ لاءِ عدالت ۾ اپيل داخل ڪئي. وڏي بحث مباحثي کان پوءِ جج چيتمل پرسرام جي سزا ٽن سالن مان گهٽائي ٻه سال ڪئي. ان کان علاوه هڪ هزار رپيا ڏنڊ ٻه وڌو. اڄ جي رپئي جي ملهه جي حساب سان هڪ هزار هڪ لک رپين برابر هو.

اها سزا ڪاٽڻ ڪانپوءِ ١٩٢٠ع ۾ جڏهن چيتمل پرسرام آزاد ٿيو ته هن جو استقبال ڪرڻ لاءِ حيدرآباد شهر ۾ تمام وڏي جشن جي تياري ڪئي ويئي. ان جشن جو ذڪر هڪ ڪتاب ’چيتمل پرسرام ۽ سندس لکڻيون‘ ۾ قلمبند ڪيل آهي. اهو ڪتاب ١٩٩١ع ۾ انڊيا جي تعليم کاتي جي ساهتا سان بمبئيءَ [مومبي] مان شايع ڪرايو ويو. ان ڪتاب ۾ صفحي ٢١ کان ٢٣ تي جشن بابت تفصيل هن ريت ڏنل آهي:

”چيتمل کي، جيل مان آزاد ٿيڻ مهل، حيدرآباد شهر ۾ جا شاهاڻي آجيان ملي، سا جن ڏٺي، سي ساڪوَن ڪرڻ کان رهي نه سگهيا. حيدرآباد جا ماڻهو، چيتمل مٿان گهور پئي ويا. حيدرآباد اسٽيشن کان وٺي ڪچي قلعي تائين، شاهي سرگس ڪڍي ويئي، چيتمل جي گاڏيءَ کي، شهر جي مکيه نگر واسين ڪاهيو هو. شري وشن آءِ- جڳتياڻيءَ، انهيءَ آجيان جو وستار هن ريت ڪيو آهي:

”چيتمل جي جيل مان آزاد ٿيڻ جي خبر، حيدرآباد شهر ۾ وڄ وانگر پکڙجي ويئي. سندس آجيان لاءِ هر طرح جون تياريون ٿيڻ لڳيون. ٻارا ٻڍا ٻچا وڏا، ٻچا زالون ٻچا مرد، اُتساهه وچان چيتمل کي آجيان ڏيڻ لاءِ منتظر ٿيڻ لڳا. جنهن ڏينهن چيتمل آزاد ٿي، حيدرآباد ۾ پهچڻو هو، تنهن کان هڪ رات اڳ ۾، ڪيترائي دڪاندار سڄي رات جاڳي قلعي کان وٺي سري گهاٽ تائين، بازار سينگارڻ کي





جنبي ويا. گهٽين جي منهن تي، انيڪ پرڪارن جا دلي دروازا ٽنگيا ويا. ساري بازار کي، ڪپڙن سان ڍڪيو ويو، جنهن ڪري، اُس جو تڙڪو ٻه اندر نٿي آيو.

مٺائيءَ وارن، حلوي ۽ ميسوءَ جي چڪين جون لڙون نوڙين ۾ پهي، ڪٽي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين ٽنگيون هيون. ٺيڪراٽين ٺڪرن جا ٿانوَ: پانساڻين پتل ۽ ٽامي جا ديڳڙا، ٻاٽليون: ٿين وارن ٿين جو سامان: ميوَن وارن انب، ڪيلا، صوف، ناسپاتيون، ڪٽي بازار ۾ قطارون ڪري سينگاريون هيون.

وڏيءَ عمر وارن ته ائين پئي ڇيو، ته اسان سڄيءَ عمر ۾، ههڙو اُتساهه ۽ ڇهڇٽو ڪونه ڏٺوسين. اهو سارو ڪم، ڪنهن خاص ڪاميٽيءَ ڪونه ڪيو: ۽ نه وري ڪو چندو ڇيرو ڪيو ويو. اهو سمورو ڪم، سيني شهرواسين، پنهنجي اُمنگ ۽ اُتساهه وچان ڪيو. اسٽيشن تي پهچڻ شرط، چيتمل کي هارن سان جهنجهيو ويو. ڪيس وڪٽوريا ۾ وهاري، بادشاهن وانگر، سونهري ڇٽي مٿانئس جهلي، جوان اُمنگ وچان گاڏيءَ جا گهوڙا ڇوڙي، وڪٽوريا پاڻ ڪاهڻ لڳا. سرگس سان، بئنڊون، دهلاري، شرنائي وڄائڻ وارا ۽ ڀڄنيڪ منڊليون، ٽولين ۾، مؤج مچائيندين پئي هليون. رستي تي، ڪيترن هنڌ، مٿس سڳنڌي پاڻيءَ جي ورڪا ڪئي ويئي. پتاشا ۽ پئسا گهوري، مٿانئس اُڇلائيندا پئي ويا. گهٽين گهٽين وٽ، گاڏيءَ کي بيهاري، پشپ مالها، ڦل ڦول ڀيٽا ڪري پئي ڏنا ويا. سرگس کي، اسٽيشن کان سري گهاٽ تائين پهچڻ ۾ ڇهه ڪلاڪ لڳي ويا.

شام جو، هومسٽيڊ هال ۾، عام ميڙ ۾، نگرواسين پاران مانپتر ڏنو ويو. فتحچند بجاسنگ، سندس آجيان ۾ جيڪو راڳ ’چيتمل تنهنجي سر تان صدقي سوين هزارين‘ ڳايو، سو اڄ به، اسان جي ڪنن ۾ گونجي رهيو آهي.“

سائين جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب ’جنب گذاريم جن سين‘ چيتمل پرسرام بابت صفحي ٤١٩-٤٢٠ تي تفصيلي ذڪر ڪيو آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

چيئمل پرسرام کي سخت پورهئي سان سزا ڏيڻ ڪانپوءِ جج ايچ ٽي سورلي ان خوف ۾ مبتلا ٿي ويو ته شاهه جو فقط هڪ بيت ايترو خطرناڪ هو ته باقي هن جا بيت ڪيترا خطرناڪ هوندا. اهو ڄاڻڻ لاءِ هو خاموشيءَ سان شاهه جي شاعري پڙهڻ ۽ سمجهڻ لڳو. هن جي مَنَ ۾ اهو سوال به گهيراٽيون کائيندو رهيو ته سنڌ اهڙو خطرناڪ شاعر ڪيئن پيدا ڪيو. هن کي معلوم ٿيو ته شاهه ان وقت شاعري ڪئي جڏهن سنڌ جو عوام مغل بادشاهن جي غلاميءَ هيٺ انتهائي گهُٽ ٻوسٽ واري زندگي گذاري رهيو هو. شاهه کي سنڌ تي قابض مغلن کان سخت نفرت هئي. هن سنڌ جي ماڻهن کي مغل حاڪمن جي سرڪاري ٻولي ‘فارسي’ پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ کان سختيءَ سان منع ڪئي. اهو به احتجاج جو هڪ طريقو هو. شاهه چيو ته جيڪي فارسي پڙهندا، اهي گولا جي گولن جا، انهن جا به غلام ٿيندا. مغل دؤر ۾ سنڌ جي ماڻهن جون ڏکوئيندڙ حالتون بيان ڪندي شاهه لکي ٿو ته:

- ڳچيءَ ڳانا لوهه جا، زيريون ۾ زنجير
- نه وارث نه ولهو نه سگ نه سياڪو
- ڏکوين اُهڃاڻُ، ڪلهي قاتو ڪنجرو:
- ڪارا ڪپڙ ڏيهه ۾، ٻيا واريءَ منجهه وٿاڻ:

سنڌ جي نوجوانن کي مخاطب ٿيندي شاهه سوال ڪيو،

- سُتوئي سيج گهرين، جفا ڏئين نه جيءَ،

شاهه پاڻ هڪ سياسي مفڪر ۽ رهبر جيان، مغلن خلاف سنڌ جي آزاديءَ جو پڌرنامو لکندو ويو. هن پنهنجي شاعريءَ کي هٿيار طور استعمال ڪندي، وڏي واڪي اهو چيو:

- اُٺو اٻوجهاءَ، سپڙ جو سڏ ٿيو:
- جبل ماري جڪ، جو آڏو آريچن ڪي:
- واجهائي وطن کي ساري ڏيان ساهُ.
- ڪپَر ڪاروڙين سين، وڏو وڏوءِ وير.

شاهه سنڌ جي عوام کي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪئين رستا ڏيکاريا، پوءِ پل ته اهي سڀ سوريءَ ڏانهن ويندا هجن. شاهه پنهنجو پيغام مڪمل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي سُر ۽ ڪيترائي ڪردار ڏال طور استعمال ڪيا. اهي سمورا ڪردار جج ايچ ٽي سورلي ڌيان سان پڙهندو ويو. سر ڪلياڻ جو سمورو سر، سنڌ جي آزاديءَ لاءِ لکيل دستاويز آهي.





ان سُر جي هر سٽ خنجر جيان ڪم ڪري ٿي، آزاديءَ جو نعرو هڻي ٿي، هو هر سٽ کي اچرج وچان پڙهندو ويو:

- سرها ڏٺم سي، جن ساجاهه سِراڻ سين.
- جن کي دؤر درد جو، سبق سورَ پڙهن
- سسي نيزي پاند، اُڇل ته اَڏَ ٽئي
- سڪڻ ۾ سوري، ٻيئي اڪر هيڪڙو
- آيل آئون نه وسهان، هنجون جي هارين.
- سِرُ ساندڻ ڪري، پڇج گهر لُهار جو

سر سُهڻيءَ ۾ هيٺ ڏنل ٽي بيت پڙهي جج ايچ ٽي سورلي ڏکي سوچ ۾ پئجي ويو. شاهه اهي بيت سُر سهڻيءَ ۾ ڇو ڏنا! شايد ان وقت ڪنهن عظيم شخصيت جو سِرُ ڌڙ کان ڌار ڪيو ويو. شاهه جي زندگيءَ ۾ صوفي شاهه عنايت جو مغلن ڪنڌ لاٿو:

جَر تَر تڪ تنوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي،
سڀيئي شئي ٿيا، سوريءَ سزا وار،
هم منصور هزار، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهيئن.

—

سيت پچارَ پرينءَ جي، سيت هوت حضور،
ملڪ مڙوئي منصور، ڪُهي ڪُهندين ڪيترا.

—

نه ڪاتيءَ نه ڪانهن، نڪو ڏوهه قلم جو
انگ اُتيئي لکيو، جت نه رسي پانهنَ
ڪنهن کي ڏيان ڏانهن، قضا قلم وهائيو.

جج ايچ ٽي سورلي سُر سسئيءَ ۾ شاهه جي هڪ سٽ کي گول نشان هڻي ٿو.

- پاڻيءَ مٿي جهوپڙا، مورک اُڄ مرن!

هن هڪ ٻي سٽ پڙهي:

- وڏيل وايون ڪري، ڪُنل ڪوڪاري

هر حال ۾ احتجاج ڪرڻو آهي.

هو پڙهندو ويو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## سُر سسئي آبري

- ٻاڙي سُجاڻي، ويهان ڪيئن ماٺ ڪري،
- مري جيءُ تہ ماڻئين، جانب جو جمال
- هٿين پيرين مونڙين، هلج ساڻ هنئين،
- مرڻ مون سين آءُ، تہ پنيءَ تو پنڌ ڪيان.
- سڪن واري سڏ، متان ڪا مون سين ڪري،
- پينر، آئون پوري، مون سگ سجاڻي نہ ڪيو،
- وهم ورساياس پنهون آئون پاڻ هئي
- ڏونگر! مون نہ ڏکوءِ، آئون اڳ ڏکوئي آهيان
- ٻيئي وينا رون، ڏُکي ڏونگر پاڻ ۾،
- موٽڻ جي مصلحت، مونکي ڏيو نہ جيڏيون.

## سُر ڪوهياريءَ [سُر سسئي جو حصو]

- مون سڏيندي سڏڙا، ساٿي سڏ نہ ڏين.
- ڏيکاريُس ڏکُن، گوندر گس پرينءَ جو
- ڪنهن ڪنهن ماڻهئين، گوندر وڏي وَٽُ
- سؤ سُکن ساٿي ڏيان، سِرَ پڻ ڏيان سَٽَ

## سُر حسيني [سسئي]

- سورن سانديياس، پورن پالي آهيان.
- سورَ نہ ساڱاهين، ڏين اُڌما اوچتا
- سور وراهيان سرتيون، جي وراهيا وجن
- نہ ڪي ٿي جيان، نہ ڪي مُئي آهيان.
- ڪوهيارو ٿي ڪاتُ، مُون مارڻ آئيو.

## سر ليلا چنيسر

- الا، ڏاهي مَر ٿيان، ڏاهيون ڏُک ڏسن.
- تان ڪا وائي وار، دلاسي جي داسڙا.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





## سُر مومل راڻو

- فيض فراق، فقير، جوڳي جاڳائي ويو.
- جوڳيءَ تي جڙاءُ، نسورو ئي نينهن جو.
- هٽي حاڪمن ڪي، زور پريون زبرون.
- جوڳيءَ جاڳائي، ماري وڌو مامري.
- هٽي تن ڪي تير، مٽيو جن متي ۾.
- هلو هلو ڪاڪ تڙين، جتي نينهن اُڇل.
- آڪونُ ٻاڪون، سر ڪندَ شاخون، جت چؤڪا چندنَ ڪؤنرَ.
- اِڇي ٿا اڇن، ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي.
- ڪري حاصل هليا، ڪيفيت ڪمالي.
- گُجر گهٽا گهائيا، پاٽا لڱس گهاءُ.
- شمع ٻاريندي شب، پرهہ ٻاڪون ڪييون.
- وَٽ سرويندي ولها، ويو تيل ٻري.
- ڪتين ڪَرَ موڙيا، ٽيڙو اُپا ٽيئي.
- راڻو ڪا رات ويو، ڳجهي ڳالهہ ڪري.
- لڏيو لطيفن، پلاٽي پنڌ پيا.
- ڪاڪ ڪڙهي، وڻَ ويا، ٻَريا محل ماڳَ.
- ڏجان ڊاٽي ڊول ڪي، سنيهو ساري.
- نئون نياپو آئيو، راڻي مُلان رات.

## سُر مارئي

- قسمت قيد ڪياس ناتہ ڪير اچي هن ڪوٽ ۾.
- قيد الماءِ ٿيو، هت اڙانگي گهاريان.
- جهڙو قيد الماء، تهڙو بندُ نہ ڪو ٻيو.
- ري اعرابين وقت، گهنگهر گهارڻ مون ٿيو.
- ڪوٺيين گهاري ڪير، محلين مُنجهي مون هنيون.
- الا، اوني آڏيين، جي نياپا نين.
- آئون اُنين جي آهيان، توٽي مون نہ مجين.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

- جي اَمرُ هٽيو اڏَ ڪري، سي ڪاغذ لڪان ڪيئن.
- سهسين سيبا ڪنجري، لوئي لِيڙ ٽيام.
- حقاٽو هُت ٽيو، آئون هت بندياٽي.
- هٽين هٽڪڙول، هنيئڙي پيم هُن جا.
- جو ڏيهه ڏاڏاٽئان آيو، پيرين تنهن پُٽان.
- سڪر سي ئي ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾.

شاهه ڪيئن قبيلن مان هڪ قوم ٺاهي ٿو، ڪيئن ان جو ڪردار گهڙي ٿو، ڪيئن سنڌي ڪلچر جي حفاظت ڪري ٿو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي سوين نوان لفظ ڏي ٿو.

- جيئن ڳنڍيون منجهه ڳنڍير، تيئن مون من ماروئڙن سين.
- سُٽي ساٽيهه ڳالهڙي لهي ويا لوهه.
- اڄ پڻ چڪيم چاڪَ، ونهين ويڙهيچن جا.

سر سورٺ

- ڪا جا ڳالهه ڳري، ٻيجل ٻُڌاءُ مون.
- سِرُ مڱي، سِرُ گهري سِرَ ريءَ ٿئي نہ صلاح.
- ٿيئي پرتا پاڻ ۾، تندُ، ڪٺارو، ڪنڌ.

سُر ڪيڏارو

- ٿي تنين سين ڏيٺ، موٽڻ جنين ميهٽو.
- آيا، اُجارين، تنڪَ، تراريون تِٺُرا.
- وجهي ڏڙ ڏڙن تي، هاڪارين هٽن.
- جهمنديون اڇن، جهوليون جهونجهارن جون.
- پيڳو آئون نہ چُٺان، ماريو تہ وسهان.
- پاونگ اُيو پڙ ۾، هٽي هزاري هولَ.
- ڏاڙهي رتَ رتياس، ڏندَ تہ ڏاڙهونءَ گُل جيئن.
- چار تراريون چيلهہ سين، ٻڏي ٻہ پاڱون.

سُر سارنگ

- آگم ڪيو اڇن، سڄڻ سانوڻ مينهن جيئن.





سُر آسا

- سُپيريان جي سونهن جو، نہ قَدُ نہ مَدُ.
- ڳالهہ پريان جي ڳُجهہ جي، ڳالهہ مڙوئي ڳُجهہ.
- مُنهن تہ موسيٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس.

سُر رپ

- گوندر ڪيو غرقُ، ماءُ! منهنجو جندڙو.
- لائي جو ويا، سو منجهون ٿو مَچُ ٻري.
- مون پريان سين نينهن، چنڻ ڪارڻ ڪونہ ڪيو.
- مون منجهيئي مينهن، ڪوهُ ڪنديس ڪڪرين.

سُر بروو سنڌي

- ڪوٺي ڪُنائون، اڄ پڻ اڪڙين سين.
- ماڙهو گهرن مال، آئون سپ ڏينهن گُهران سپرين.
- جانب ائين مَ جڳاءِ، جيئن ماريو، موٽيو نہ پڇين.
- عشق اهڙي ذات، جو مانجهي منجهائي.

سُر رامڪلي

- ٻولي ٻجهارت، جوڳيان سندي ذات جي.

سُر ڪاپائتي

- سُٽُ تنين جو سڦرو، جي پر ۾ پچائين.

سُر پورب

- آءُ ڪانگا، وڻَ ويهُہ، سُڏيون ڏي ساٽيهہ جون.

سُر ڪارايل

- سَرَ ۾ پڪي هيڪڙو، پاڙهيري پنجاهہ.
- تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا.
- ويا مور مري هنج نہ رهيو هيڪڙو.

سُر پرپاتي

- ڏات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي.
- ڄاٽين تہ ٻہ نہ ڄاڻ، اي در ابوجهنِ جو.

- مينهن تہ مدائتا وسڻا، سدا وسين تون.

**سُر ڏھر**

- صاحب تنهنجي صاحبي، عجب ڏٺي سون.
- سُتي نہ سر ندياءِ، کر پچار پرينءَ جي.
- اُتر ڏي آلاپ، ڪالھونڪر ڪونج ڪري.
- بغل منجھ بندوق، ماريءَ ميرا ڪپڙا.
- ڪاچي پيئي ڪوڪَ، سچ ڪ سنگھارن لڏيو.

**سُر بلاول**

- اروڙجي اُٿيو، ديسين وڏائين دانهن.
- پڙ ۾ اُيو پاڻ، ساٿيئڙن سَڏ ڪري.
- ڏمرجي تہ ڏي، پرچي تہ پاٽ پري.
- پڳينءَ سين پير، جيين رتو راس ٿئي.
- مار نہ مُطيعل ڪي، مجوسيءَ کي مار.

جج ايچ ٽي سورلي پڙھندو ويو ۽ سوچيندو رهيو تہ جنهن قوم ھھڙو شاعر پيدا ڪيو، اها غلامي ڪيئن قبول ڪري سگھي ٿي.

جج ايچ ٽي سورلي لڳاتار ٻارنهن سال شاھ جي شاعريءَ جو مطالعو ڪندو رهيو. نيٺ هو شاھ جو تمام وڏو عقيدتمند بڻجي ويو. هن ١٩٣٩ع ۾ شاھ جي شان ۾ هڪ ضخيم ۽ بي بها ڪتاب انگريزيءَ ۾ لکي، سيني کي حيران ڪري ڇڏيو.

Shah Abdul Latif of Bhit– His Poetry, Life and Time ۾ هو لکي ٿو تہ:

مون اهو ڪتاب سنڌ جي عظيم شاعر شاھ لطيف کي سموري دنيا ۾ متعارف ڪرائڻ لاءِ لکيو آهي. هو پنهنجي ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ:

> ”مون لڳاتار ١٢ سال شاھ جي شاعريءَ تي ڪم ڪيو آهي، خاص طور مون قاضي احمد شاھ جي ڪتاب ’شاھ لطيف جي چونڊ شاعري‘ جو انتخاب ڪيو. اهو هر هنڌ ڏاڍو مقبول آهي، مون ان ڪتاب ۾ ڏنل شاھ جي شاعريءَ کي ترجمو ڪيو آهي. جيئن تہ اهو ڪتاب شڪارپور سنڌ جي اداري ’پوڪرداس اينڊ سنس‘ شايع ڪيو، ان ڪري مون ان اداري کان سندن ڪتاب جو انگريزيءَ ۾



Kalachi Research Journal كلاچي تحقيقي جرنل

ترجمو ڪرڻ جي اجازت طلب ڪئي. انهن خوشيءَ سان مون کي اجازت ڏني. ان اداري سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ قابل قدر خدمتون سرانجام ڏنيون آهن.

ايچ ٽي سورلي وڌيڪ لکي ٿو تہ:

شاھ جي شاعريءَ کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ آسان ڪم نہ هو. شاھ جيڪا ٻولي استعمال ڪئي آهي، اها عام طور سنڌ ۾ ڳالهائي نٿي وڃي. شاھ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪمال حد تائين اختصار ۽ ذومعنيٰ اشارن کان ائين ڪم ورتو آهي جيئن پنڊار (Pindar) ۽ پرسيس (Perseus) ڪيو.

[پنڊار پنجين صدي قبل مسيح ۾ قديم يونان جي ڪلاسيڪل دؤر جو عظيم شاعر هو. هن جي عظمت کي سلام پيش ڪرڻ لاءِ سندس لاتعداد مجسما ٺاهيا ويا. جڏهن تہ پرسيس پنجين صديءَ عيسويءَ ۾ روم جو لاثاني شاعر هو. هن لئٽن ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي.]

سورلي لکي ٿو تہ:

شاھ جي شاعري صوفي فلاسافيءَ کي سيلاب جيان هر هنڌ ڪڙي وڃي ٿي. شاھ خيال ۽ تصورات جي اهڙي دنيا جوڙي ٿو جنهن کي هر ماڻهوءَ لاءِ سمجهڻ آسان ناهي، خاص طور انهن ماڻهن لاءِ جيڪي مغربي يورپ جي ثقافتي ورثي ۾ وڏا ٿيا آهن. مون کي اهو چوڻ ۾ ڪابہ هٻڪ محسوس نٿي ٿئي تہ مون شاھ جي شاعريءَ کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ وقت ڪا غلطي نہ ڪئي هجي: مونکي شڪ آهي تہ ڪٿي ڪٿي آئون اهو سمجهائي نہ سگهيو آهيان، جيڪو شاعر پاڻ چوڻ چاهيو آهي، مون پنهنجي وَس آهر، اهو خيال رکيو آهي تہ شاھ جي شاعريءَ جي لفظي معنيٰ ڏيڻ بدران ان جي روح، ان جي ادبي رنگ کي بحال رکان، آئون پنهنجو هي ڪتاب ڏاڍي پاٻوھ مان سنڌ جي ماڻهن کي ارپيان ٿو. انهن مون کي بيحد پيار ڏنو. آئون انهن سان گڏ رهيس. انهن منهنجو تمام گهڻو خيال رکيو. منهنجو هي ڪتاب سنڌ کان ٻاهر دنيا جي عالمن لاءِ ڪارائتو ثابت ٿي سگهي ٿو. جن کي

سنڌو ماٿر جي پچاڙ ۾ رهندڙ ماڻهن جي فڪر ۽ فهم بابت گهڻي ڄاڻ ملي سگهندي.

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ کان علاوه شاهه جي شاعريءَ تي سنڌ جي انگريز ڪمشنر سر بارٽل فريئر جي ڌيءَ ميري ايليزا ازابيل به گهڻو ڪم ڪيو. هن هتي جون لوڪ ڪهاڻيون ترتيب ڏيڻ کان علاوه شاهه جي شاعريءَ جا انگريزيءَ ۾ ترجما ڪيا. ديوان ڏيارام گدومل لکي ٿو ته مس ميري ايليزا ازابيل جو لکيل مواد ڪمشز جي رڪارڊ ۾ موجود آهي.

ان ڪانپوءِ وليم سائوٿي William Southey جو ذڪر ملي ٿو، جڏهن بارٽل فريئر سنڌ جو ڪمشنر هو، تڏهن وليم سائوٿي ڪراچيءَ ۾ ڪنهن عدالت جو جج هو. هن پهريون ڀيرو شاهه عبداللطيف [شيخ] جي سوانح عمري قلمبند ڪئي.

وليم سائوٿي ڪانپوءِ ميجر ايف جي گولڊ اسمڊ جو ذڪر ملي ٿو، هي پهريون شخص هو جنهن سنڌ ۽ هند ۾ ٽيليگراف نظام جو بنياد وڌو. ١٨٥٣ع ۾ جڏهن سنڌي الف ب لاءِ ڪاميٽي جوڙي ويئي ته گولڊ اسمڊ سرڪار طرفان ميمبر مقرر ڪيو ويو. هن سنڌ ۾ ڪيترائي اسڪول کولايا ۽ درسي توڙي غير درسي ڪتاب شايع ڪرايا. هن پاڻ سنڌ جي تاريخ، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي باري ۾ انگريزيءَ ۾ مضمون لکيا. هن شاهه لطيف جا ڪيترائي بيت انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيا. انهن مان سندس هڪ پسنديده بيت هيٺ ڏجي ٿو:

اُٺ ويري، اوٺار ويري، ويري ٽيڙم ڏيرَ،
چوٿون ويري واءُ ٿيو، جنهن لَٽِيا پنوهَ پير،
پنجون ويري سج ٿيو، جنهن اُلهي ڪئي اَويرَ،
ڇهون ويري ڇَپَرُ ٿيو، جنهن سَنوان ڪيا نہ سيرَ،
ستون ويري چنڊ ٿيو، ڪِرِيو نہ وَڏيءَ ويرَ،
واهيري جي ويرَ، ڇُلون ڪريان ڇپرين!

*Camels are foes, and camel-men; the third, Jam Punhu’ kin;*
*Fourth comes the Wind to hide with dust his footprints from mine eyes;*
*The Sun the fifth, who sets when I my weary task begin;*
*A sixth foe the Bock I find, to wound my tender feet.*
*The Moon is foe the seventh, because she will not early rise;*
*Alack, poor woman, Fate’s Decree will grant you no retreat.*





جڏهن ارنيسٽ ٽرمپ جو تيار ڪيل شاهه جو رسالو منظوريءَ لاءِ بمبئي پريزيڊنسي ڏانهن موڪليو ويو، تڏهن گولڊ اسمڊ پنهنجو سفارشي نوٽ هن ريت لکيو: ”هندستان جي ڪنهن به ٻوليءَ جي ڀيٽ ۾ [هن سنڌي شاعريءَ تي] فخر ڪري سگهجي ٿو.“

## حوالا


1. Biographical index of former Fellows of the Royal Society of Edinburgh 1783–2002 (PDF). The Royal Society of Edinburgh. July 2006. ISBN 0-902-198-84-X.
2. "Minute by the Hon'ble T. B. Macaulay, dated the 2nd February 1835”
3. Wagner, Kim A. The Great Fear of 1857. Rumours, Conspiracies and the Making of the Indian Uprising. p. 97. ISBN 978-93-81406-34-2.
4. "The Indian Mutiny of 1857", Col. G. B. Malleson, reprint 2005, Rupa & Co. Publishers, New Delhi.
5. The Sepoy Revolt. A Critical Narrative, ISBN 978-1402173066, retrieved 17 September 2012 – via Google Books.
6. Dalrymple, The Last Moghul, pp. 4–5
7. "Rare 1857 reports on Bengal uprisings – Times of India"
8. "Sindhi Language". sindhilanguage.com. Retrieved 1 August 2012.
9. Simpson (1867), p.308–309
10. Michael Farris, "From Tyndale to Madison, 2007"
11. Hamlin & Jones 2010, p. 336.
12. Trevelyan, Raleigh Sir Walter Raleigh, Henry Holt & Co. (2002). ISBN 978-0-7139-9326-4. p. 552
13. Encyclopedia Britannica. "Southwell, Robert". 2008. Encyclopedia Britannica Online.
14. Richard S. M. Hirsch (1986) The Works of Chidiock Tichborne, English Literary Renaissance, (1986) Vol. 16 No. 2, pp. 303–318 and (1987) Vol 17 pp. 276–7
15. Richard L. Greaves, ‘Armstrong, Sir Thomas (bap. 1633, d. 1684)’, Oxford Dictionary of National Biography, Oxford University Press, Sept 2004
16. DeVries, pp. 27–28.
17. An eyewitness account by the Piagnone Luca Landucci in A Florentine Diary from 1460 to 1516 trans. Alice De Rosen Jervis (London, 1927) pp.142–143.
18. Chisholm, Hugh, ed. (1911). "Hamilton, Patrick". Encyclopedia Britannica. 12 (11th ed.). Cambridge University Press.
19. Hunted Heretic, p. 141.
20. Fitzgerald, Timothy (2007). Discourse on Civility and Barbarity. Oxford University Press. p. 239. ISBN 978-0-19-804103-0. Retrieved 11 May 2017.
21. Hunter, Mary Kay. "The Loudun Possessions: Witchcraft Trials", Legal History & Rare Books, American Association of Law Libraries Vol. 16 No. 3 Hallowe’en 2010
22. Holl, Bruce T. "Avvakum and the Genesis of Siberian Literature". In Slezkine, Yuri; Diment, Galya (eds.). Between Heaven and Hell: the Myth of Siberia in Russian Culture. p. 34. ISBN 978-1-349-60553-8.


**نوٽ:** هن مقالي ۾ ڪنيل سمورا بيت غلام محمد شاهواڻي جي مرتب ڪيل رسالي تان ڪنيل آهن.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair